بسم الله الرحمن الرحيم

ڏاڊتعلي شاه يادگار تي بيدردانه تنقيد مولا عباس جي برڪت سان محبان حسين جي تائيد

محبان حسين (عليہ السلام) کي اطلاع ڏنو ٿو ڏجي ته ڏاڊتعلي شاه يادگار بنسبت نه رڳو گرانٽ رد ڪئي وئي پر پنجتني اخبار ۾ تنقيد ڪري قوم تي غلط اثر به وڌو ويو تڏهن پنهنجي پوزيشن صاف رکڻ لاءِ هي مضمون پيش ڪجي ٿو۔

مرحوم ڪربلائي جنهن وقت سنڌ ۾ تشريف فرما ٿيو ان وقت شيعيت ته بجاءِ خود بلڪ مولا مشڪل ڪشا علي المرتضيٰ عليہ السلام جي ذالي وٺڻ جي جرات به ڪنهن مرد مسلمان کي ڪانه ٿي ٿي جنهن جي تصديق هن شعر مان ٿئي ٿي.

ورنه ان موذين جو غلبو ان قدر هو سنڌ ۾
ڪنهنکي جرات ڪانه هئي جو چئي علي المرتضيٰ.

هڙ ... زڪ دؤر ۾ هن ٻرد مومن سچي سنڌ جي ملن، مولوين خواه خير شاه جهڙن سادات جي هجون ۽ حملن جو مقابلو ڪري پنهنجي مقصد کان هڪ قدم به پٺتي نه هٽيو- اڄ وري هن دؤر ۾ جڏهن اهل تشيع به گهٽائيءَ ۾ آهن ۽ خدا پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان سنڌ ۾ سادات طبقي جي به ڪثرت آهي تنهن هوندي به مرحوم ڪربلائيءَ جي يادگار ملهائڻ تي ملن ۽ مولوين نه پر ڪن مومنن ۽ سادات نه صرف پنجتني اخبار ۾ تنقيد ڪئي آهي پر انجي آڙ ۾ پنهنجي شخصي مخالفت کي پوشيده رکي سنڌ جي مومنن کي غلط پروپيگنڊا سان ڀرغلائڻ چاهيو آهي- انشاالله مرحوم جو يادگار باوجود ايڏي مخالفت هوندي ائين قائم رهندو جئن مرحوم جي خدمتن جو قدر ۽ شاهڪار سنڌ ۾ ممتاز درجو رکي ٿو- مان ڪنهن تي به شخصي حملو ڪرڻ بغير صرف اخبار ۾ پيل ليک- جي دل ڏکوئيندڙ فقرن جي جواب ڏيڻ تي مجبور ٿيو آهيان.

(١) سکر کان ڪراچيءَ تائين پڇن ٿا :—

هن يادگار لاءِ مولا جا حبدار مومن مسلمان چنده ڏين ٿا تنهن کي جي پنڻ چئجي ته پوءِ جن ميلن ۽ يادگارن ۾ هندن، مسلمانن ۽ غيرقومن کان ٻنان رسيد پئسو وٺي ڏينهن ملهائجن ٿا ان پئسي کي ڇا مڃجي؟

(٢) قوم جو ڪيسو ڪترڻ :—

اسين چنده وٺڻ وقت ان ڳالهه کي مخفي رکي ڪنهن به ماڻهوءَ کي ٻرغلائي ٺڳيءَ سان پئسو وصول ڪرڻ ڪندا آهيون پر باقاعده رسيد ڏئي پئسو وٺون ٿا ۽ ٻانگي درا سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٻڌائي ڇڏي عوام کي ان يادگار جي اهميت کان آگاهه ڪريون ٿا، پوءِ اهو ڪيسو ڪترڻ ڪيئن ٿيو؟ ڪيسو ڪترڻ انکي چئي سگهبو جڏهن ڪنهن جي ناليءَ تي پئسو وصول ڪري پنهنجي پيٽ کي پورڻ لاءِ لڳي ۽ دوکي کان ڪم ورتو وڃي—

(٣) قوم جي پگهر جي ڪمائي چند بلبن، هڪ شاميانـي ۽ مچرب ڪاڌن ۾ خرچ ڪرڻ :—

شڪر الحمدالله، مخالفن به اهو محسوس ڪيو آهي ته قوم جو پئسو وري به مسلمان ڀائرن کي مچرب ڪاڌن کارائڻ تي خرچ ٿئي ٿو ۽ انهن لذيذ طعامن جي لذت کان اڪثر مخالف به محروم نه رهيا هوندا!

جيڪڏهن هن يادگار تي بلب ۽ شاميانو ڪم ٿو اچي ته ٻين يادگارن ۽ ميلن تي آسماني ڇٽيون نه ڪم ڪونه ٿيون اچن، انهن تي به اهيئي بلب، شاميانا ۽ فرش ڪتب آندا وڃن ٿا فرق فقط هي آهي جو ڪن ميلن جي جلسن ۾ ڀنگ ۽ مئي نوشي

ڀاڱل جي چڙڪار، ڏنڊن ۽ گھنگھرن جا گهسڻ، حسينن جي حسن جي ساراه، ڏڪڙن ۽ طبلن جي ڌما ڌم ٿئي ٿي ۽ هن مرحوم جي يادگار تي مومن کي شهيد ڪربلا جي بي نظير ۽ عاليشان عظمت سان مخاطب ڪرائي آنسون وهائي هدايت جا سبق ڏياريا وڃن ٿا- جي انهن مجلسن ۾ قيمتي ڳوڙهن جي مخالفت ڪئي وئي آهي ته خبر ميدان محشر ۾ پوندي-

مرحوم ڪربلائيءَ جو سمورو ڪلام جنهن بابت موصوف صاحب لکي ٿو ته ڪلام جي واقفيت ڪنهن کي به نه آهي تنهن کان ساري سنڌ چڱي طرح واقف آهي بارگاه حسيني ۾ مقبول پيل مرحوم جي ڪلام جي برڪت آهي جنهن ڪري هن يادگار سان همدردي ڪندڙ امير ۽ غريب سڀ محبان سيد الشهدا ۽ بارگاه حسينيءَ جا عقيدت مند آهن جي گهر ويٺي به چيڪ ۽ مني آرڊر رستي چندو موڪليو ڏين جهڙوڪ عاليجاه هز هائينس مير علي مراد خان ٽالپر مدظله، همدرد ملت مير ڪريم بخش خان صاحب ٽالپر محراب پور ۽ ديگر حضرات-

ادبي اداره قائم ڪرڻ :-

اها تجويز زير ويچار آهي انشا الله جلد عمل ۾ ايندي. رڳون ڏيندڙ هميشه فائده ۾ ڳالهائيندا ۽

لکندا آهن هتي اگرچ تنقيد ڪئي وئي آهي ته به
حق لکي نه سگهيو آهي جو اظهار ڪيو اٿس ته
شيعي ادب ۾ ثابتعلي شاه ڪربلائيءَ جو خاص مقام
آهي ۽ سندس مرثيه ادبي خوبين سان ڀرپور آهن ۽
هن خطي ۾ عزاداريءَ جي ترويج جو بهترين ذريعو
ثابت ٿي چڪا آهن- جڏهن پاڻ به لکي چڪا آهن
ته مرحوم جا مرثيه ادبي خوبين سان ڀرپور آهن
تڏهن ته زوار حاجاڏو خواه ٻيا ذاڪر ۽ مرثيه خوان
مرحوم جي مرثين مان فيض حاصل ڪري عوام ۾
تعريف ڪن ٿا جنهن مان پڌرو آهي ته مرحوم جي
شخصيت اهڙي لڪل نه آهي جا ڪنهن جي تعارف
جي محتاج رهي- مرحوم جي زندگيءَ جو نصب العين
رسالت، ولايت ۽ فضائل جي تعريف سان گڏ شهيد
ڪربلا جي سوز و گداز ۾ رئڻ، رئارڻ ۽ عام ۾
انهيءَ محبت جو روح ڦوڪڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه
ڪونه هو جو علمدار حسينيءَ جي تائيد سان اهڙو
بار آور ٿيو جو ساري سنڌ جا مومنين مرحوم جي
خدمتن جو قدر ڪري يادگار مجلسن ۾ مدد ڪن ٿا.
مرحوم جي ان مقصد کي زير نظر رکي اسان هي
يادگار ملهائي نه صرف مرحوم ڪربلائيءَ جي روح
کي راحت ٿا رسايون بلڪ ان گڏ مومنن کي ذڪر
شهداءِ ڪربلا جو سڄائي سندن زندگيءَ جون گهڙيون

سجايون ٿا ڪريون- اسان کي يقين آهي ته معصومن جي اقوال مطابق مومنن جي اکين جو پاڻي ڏهاڙي قيامت جي بخشش جو ذريعو بڻبو ۽ مومنن جي ڪمائيءَ مان چند روپيه ڪارخير ۾ ڪم اچي مقبوليت جو درجو پائيندا- باقي رهيو سندس ڪلام جي نشر و اشاعت جو سوال سو مرحوم جا مرثيه، مناقب ۽ زيارت نامو اڳئي ڇپيل آهن ۽ انشاالله گهڻي انداز ۾ پڌرا ٿيندا.

مرحوم جي مزار تي نه فقط ڇهرئين سال مجلس عزا منعقد ڪئي ويئي هئي، پر تصدق اهل بيت اطهار جي هر سال مجلس عزا منعقد ڪجي ٿي، ۽ تي مذڪور صاحبن جي فرمائش موجب ٻاهريان ۽ سنڌ جا مولوي ۽ ذاڪر گهرايا وڃن ٿا.

(٥) هڪ آنو چندو ڏيندڙ جو نالو لکڻ ۽ ٥ روپيه چندو ڏيندڙ کي نالي وار رسيد ڪڍي ڏيڻ، اهو اسان جو ڪم آهي، ان تي اعتراض ڪرڻ بلڪل غير واجبي آهي. هڪ ته هڪ آنو چندو اسين وٺون نٿا، گهٽ ۾ گهٽ چندي جي رقم هڪ روپيه آهي، ٻيو ته اهي رقمون وٺي عام اڳيان اظهار ڪرڻ بغير هضم نٿا ڪريون، جي ننڍيون رقمون گڏي انهن جو ٽوٽل پيش ڪيوسون ته ان ۾ اعتراض ڪهڙو بهرحال چندي جي رقم مخفي نٿي رکي وڃي!

مشوره ڏيندڙ صاحبن جيڪي مشوره ڏنا آهن، تن لاءِ اسين سندن تهدل شڪر گذار ٿيون ها، بلڪ تڏهن جڏهن سندن مشوره موجب ڪم ڪريون، هتي ته اڳيئي خرچ جي مڪمل رپورٽ به ڇاپائي عوام اڳيان پڙهي وڃي ٿي، هر سال هر مجلس ۾ شروعات مرحوم جي مرثين سان ڪئي وڃي ٿي. مرحوم جو جملا ڪلام ڪتاب جي صورت ۾ پڻ لکجي چڪو آهي جو انشاالله هن سال مرحوم جي يادگار تي اهل مجلس اڳيان پيش ڪبو.

مرحوم ڪي پنهنجي ذات ڪان ڪِلي عوام اڳيان آڻڻ لاءِ ئي هي يادگار ملهائجي ٿو جيئن سنڌ جو هر مسلمان مرحوم جي مخلص ذات بابرڪات جو قدردان بنجي. جيڪڏهن پنهنجي ذات سان وابسته رکي مرحوم کي عزيزن جي حدن ۾ محدود رکجي ها، ته پوءِ ايڏي پيماني تي يادگار ملهائڻ ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پوسٽر موڪلڻ بغير ئي گهر ۾ مرحوم جو ڏينهن ملهائي ڇڏجي ها. اسان غريب عوام جي پگهر جي ڪمائي ۾ پنهنجي حلال جي ڪمائي شامل ڪري، تڪليف وٺي، ايڏي وڏي پيماني تي مجموعو ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪري هي سلسلا شروع ڪيو هو انشاالله ڪامياب ٿيندو رهندو.

ٻاهريان ۽ پنهنجا پڙهندڙ تن ۾ ڪوبه منهنجو عزيز يا رشته دار ڪونهي، جنهن کي ورسائڻ يا نفعو ڏيارڻ لاءِ مجلس پڙهايان ٿو، پر مان ته خاص انهن

صاحبن کي دعوت ڏيندو آهيان، جيڪي عوام جا مقبول پڙهندڙ آهن، ۽ هر موقع تي يادگارن ملهائڻ لاءِ انهن صاحبن کي ئي مدعو ڪيو ويندو آهي، ۽ پوءِ مون غريب تي اها تنقيد ته مناسب ڪانهي.

واسلام

سيد ثابتعلي شاه صدر يادگار ڪميٽي

احسان عام تي :- از ميوه خان "موج" لغاري بلوچ

ثابت علي جو ثابت احسان عام تي
ماتم حسينيءَ لاءِ هو فرمان عام تي

ثابت ڪياءِ غم کي ڏئي ثابتيون ثبوت
شه ڪربلا جو واجب ارمان عام تي

بر ۾ بحر ۾ شهر ۾ گهر گهر ۾ لازم آهه
ماتم امام پاڪ جو هر آن عام تي

جنبش ۾ عرش آيو ملڪ ماتمي ٿيا
واضح ڪئي حقيقت اسمان عام تي

ماڻهو رنا مرون ٻي پکين پڻ پڇاڙيو
ڪافي سند لطيف جو فرمان عام تي

ٿي باعث - نجات عزادار ٿي - حسين
ثابت ڪيو عزا جو عيان شان عام تي

ثابت علي جي "موج" عزاداري ڏاب پئي
ڪيو چوطرف اثر سندس الحان عام تي.